ڊاڪٽر جگديش لڄاڻي

# سنڌي صوفي شاعريءَ جو تواريخي پسمنظر


**Abstract:**

*This research paper deals with the philosophy of sufism and makes specific references to quotations from the poetry of Shah Abdul Latif Bhitai. The Holy Quran and sunnah provide the reader with valuable knowledge to reform one's inner self. Subsequent to these sources comes Tasawuf and under this paper many different Schools of thought (of Tasawuf) have been discussed and a comparative study of different schools of throught made. Sufism also reformed life of human beings, based on principles which were mainly derived from the sufi poetry of various poets of the world. The importance and impact of sufism on common man and the society has been proven. This paper makes a detailed discussion taking into account the present era of terrorism and suggesting Sufism as the only path forward to create peace and harmony among the people of different sects of religion.*


**تصوف** اسان سنڌين جي رڳ رڳ ۾ خون جيان گردش ڪندو رهي ٿو. تصوف جو واسطو عالمي امن ۽ انساني محبت سان آهي. تصوف، رنگ-ڀيد، مذهب، فرقي ۽ جاتيءَ جي تفاوت کان مٿي اُڀري، انسانيت جو علمبردار بڻيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جي عوام ۾ پيار، محبت ۽ ڀائيچاري کي ترقي وٺائڻ وارو شاعر هئو. مذهبي ڪٽرپڻي جي خاتمي ۽ معاشري جي مختلف طبقن ۾ پيار جو پيغام پهچائڻ، سندس حياتيءَ جو بنيادي مقصد هئو. هو ڏسو، انسان ذات جي بهتري ۽ بهبوديءَ لاءِ، ڀارت جي رشين منين جيان، سموري خدائيءَ لاءِ رب پاڪ کان دعا ڪيئن ٿو پني:

سائينم! سدائين، ڪَرين مَٿي سِنڌُ سُڪار،
دوسَ! مِنا دِلدارَ، عالَمُ سَڀُ آبادُ ڪَرِين.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، 'شاهه جو رسالو'، سُر سارنگ، داستان ۴، بيت ١٢، ص: ۶٠٠)

تصوف جي لغوي معنيٰ به اها ئي آهي. دل مان دنيوي خواهشون ڪڍي، خدا





جي بندگيءَ ۾ مَن لڳائڻ جو عمل يا روحاني احساسات جو اپياس. 'صوفي' لفظ جي پيدائش بابت دانشور الڳ الڳ رايا رکن ٿا. جدا جدا ودوانن، صوفي لفظ جي اشتقاق جي الڳ الڳ وضاحت ڪئي آهي. ڪن جو رايو آهي ته اِهو لفظ 'صفا' مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي صاف يا پوتر يعني جيڪو مَن، وچن ۽ ڪرم سان پوتر هجي. ڪن جو وري چوڻ آهي ته مديني ۾ محمدﷺ جي ٺهرايل مسجد ٻاهران 'صف' يعني صفحي ۾ جن ماڻهن اچي اَجهو ورتو، جيڪي پاڪ حياتي گذاريندي خدا جي بندگيءَ ۾ محو رهندا هئا، تن کي اڳتي هلي صوفي سڏيو ويو. ابو نصرالسراج، صوفيءَ جو اشتقاق 'صوف' ۾ ڳولهيو آهي، جنهن جي معنيٰ 'اُن' آهي. ابو نصرالسراج جو رايو وڌيڪ مقبول ٿيو آهي.(١)

محمدﷺ بعد جيڪي انسان خدا جي عبادت ڏانهن مائل هئا، خلق جي خدمت ڪندا هئا، اوني لباس اوڍيندا هئا، سي اڳتي هلي 'صوفي' نالي سان مشهور ٿيا. انهن روحاني بندگيءَ لاءِ جيڪو رستو اختيار ڪيو ۽ روحاني راز سليا، ان جو نالو تصوف پئجي ويو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي به صوفي اُن کي ٿو سڏي، جنهن پنهنجو اندر صاف ڪري، محبوب جو مشاهدو ماڻيو آهي:

صُوفِيءَ صافُ ڪيو، ڏوئِي وَرَقُ وُجودَ جو،
تنهان پوءِ ٿِيو، جِيئَري پَسَڻُ پِرينءَ جو.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، 'شاهه جو رسالو'، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ۵، بيت ۵، ص: ١٠٧)

صوفي لفظ جو استعمال سن ٨٦٩ع ۾ بصرا جي عربي ليکڪ جاهز ذريعي ٿيو.(٢)

ڊاڪٽر نڪولسن ٻاهرين اثر کي قبول ڪندي به تصوف کي اسلام جو مذهبي علم ڪوٺيو آهي. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ به پنهنجي ڪتاب 'شاهه' ۾ لکيو آهي، "ويدانت آهي ويدن ۽ شاسترن جو سار ۽ تصوف آهي اسلام جو جوهر. قرآن پاڪ ۾ سمايل رازن جو تفسير، صوفين جي قولن ۾ سمايل آهي."(٣)

ابو هاشم پهريون شخص آهي، جو صوفيءَ جي نالي سان سڏجڻ ۾ آيو.(۴)

ابتدائي صوفين ۾ بلخ جي شاهہ ابراهيم بن اڌم (وفات سنبت ٨٣٠) جو نالو بہ مشهور آهي. فجامل بن اياز (وفات سنبت ٨٥٨) لاءِ بہ چيو ويندو آهي تہ هُو پنهنجي شروعاتي حياتيءَ ۾ ڌاڙيلن جو سردار هو، پر پوءِ ڌاڙيلن جي سرداري ڇڏي، هڪ صوفي درويش بڻيو. تصوف جي اِن ابتدائي دؤر ۾ سڀ کان وڌيڪ مقبول بصره جي رابعہ بصري هئي. رابعہ بصري پهرين عورت آهي، جنهن تصوف اختيار ڪيو. هوءَ سنبت ٨٤٩ ۾ گذاري وئي.

هن دؤر جي صوفين جو گهڻو زور گوشہ نشيني ۽ عبادت تي هوندو هو. ڊاڪٽر نڪولسن، هنن صوفين کي Quietists ڪري سڏيو آهي. هنن صوفين ۾ ايراني وڌيڪ هئا، ان بعد شام ۽ مصر جي صوفين جو تعداد هو. هو انتر مکي هئا، هنن لاءِ توبہ ۽ قربانيءَ جي وڏي اهميت هئي، پر پوءِ عيسوي نائين صديءَ ۾، صوفيانہ خيالن ۾ ڪافي ڦير گهير آئي. صوفي، زاهد مان ڦري ڏاها ٿي پيا.

ساڳئي صديءَ جي چوٿين ڏهاڪي ۾ بايزيد بسطامي پهريون صوفي درويش هو، جنهن تصوف ۾ وحدت جي جهلڪ پسي. هن چيو، ’سبحاني ما اعظم شاني‘ يعني (پاڪائي جڳائي مون کي، ڪيڏو نہ عظيم شان آهي منهنجو.) جي سدا بلند ڪئي ۽ آخر ۾ چيائين، ”ڪوئي بہ الله ڪونهي سواءِ منهنجي، منهنجي عبادت ڪريو.“(٥)

بايزيد بسطاميءَ وحدت الوجود جي فڪر کي انتهائي ڪليل نموني دنيا اڳيان وائڪو ڪيو. هي پهريون صوفي آهي، جنهن دنيا اڳيان فنا جو اصول رکيو.(٦)

ڌن-نن (Dhun-nun) وري تصوف کي مڪمل صورت عطا ڪري، ان جي وضاحت ڪئي. بغداد جو جنيد صوفين جو سرواڻ آهي. ابوبڪر شبلي مسجد جي منار تي چڙهي، تصوف جو ڦهلاءُ ڪيو.

صوفين ۾ سڀ کان وڏو نالو منصور جو آهي. هيءُ جنيد جو مريد هو. هن پنهنجي ’انالحق‘ يعني ’آءُ حق آهيان‘ (I am the truth) جي نعري سبب روايت پرست مسلمانن کي پنهنجو ويري بڻائي ڇڏيو. هن کي ٩٢٦ع ۾ سوريءَ تي چاڙهيو ويو، پر مرڻ کان پوءِ کيس گهڻي شهرت ملي. هن وحدانيت يا ادويت جو ڦهلاءُ ڪيو. هو انسان کي خدا جو خلقيل ڪري مڃيندو هو، جو تہ خدا ئي انسان کي پنهنجي شڪل ۾ اظهار





ڏنو آهي.(٧) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ ڀين فيلسوفين سان هم آهنگ نظر اچي ٿو، جڏهن هو چوي ٿو:

ايڪُ قَصَرُ، دَرَ لَکَ، ڪوڙِيين ڪَٽِسِ ڳُڙکِيُون،
جيڏانهن ڪريان پَرَکَ، تيڏانهن صاحبُ سامُهون.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، ’شاهہ جو رسالو‘، سُر ڪلياڻ، داستان ١، بيت ٢٣، ص: ٧٠)

ساميءَ تي هونئن تہ ويدانت جو اثر آهي، پر ڪٿي ڪٿي تصوف جا اهڃاڻ بہ واضح ملن ٿا. هتي سامي بہ لڳ ڀڳ ساڳئي ڳالهہ چوندو نظر اچي ٿو:

سامي! سڀ ديدار، اٿيئي عجيبن جو،
ڏسي ٻڌي پاڻ ٿو، ٻولي ٻولڻ هار،
نرا ڪار آڪار، ڌاري آيو جڳ ۾.

(ناگراڻي، بي. ايچ، پروفيسر، (٢٠١٥ع)، ’سامي جا سلوڪ‘، ايشور مهما، بيت ٣٥، ص: ٢٦١)

يارهين صديءَ ڌاري، ابو خير پهريون شاعر هئو، جنهن فيلسوفاڻي شعر جي تخليق ۾، پنهنجي ادبي صلاحيتن جو استعمال ڪيو.(٨) هن ئي تصوف کي اخلاقي آڌار بخشيو. امام غزاليءَ وري ان ۾ روحاني رنگ ڀريو. مڃيل صوفي ۽ مذهب پرست هئڻ ڪري هن کي صوفين ۾ وڏي مڃتا حاصل ٿي. ناميارن صوفي شاعرن: عطار ۽ جلال الدين رومي وغيره هن جي ئي پوئواري ڪئي.

تيرهين صديءَ ڌاري، تصوف جو ڪلاسيڪل دؤر آيو، جنهن ۾ فارس جا ٽي وڏا صوفي شاعر، فريدالدين عطار، مولانا جلال الدين رومي ۽ شيخ سعدي پيدا ٿيا. اڄ بہ انهن شاعرن تي فارسي ادب کي ناز آهي. اِها فارسي شاعريءَ جي روايت تمام گهڻي اڳتي وڌي. چوڏهين ۽ پندرهين صدي عيسويءَ ۾ حافظ ۽ جاميءَ جهڙا ناميارا شاعر پيدا ٿيا، جن تصوف جي دنيا ۾ وڏو نالو ڪمايو. فارسي شاعريءَ جي اُن رجحان ٻين ٻولين جي ادب تي پڻ اثر وڌو. ڀارت جي اردو شاعري تہ ان کان ڪافي متاثر ٿي. ان کان سواءِ پنجاب ۾ شيخ فريد، بُلي شاهہ ۽ ڪي ٻيا شاعر پيدا ٿيا، هندي ادب ۾ پريم – گاٿا پرمپرا جو آغاز ٿيو. قلبن، منجهن، جايسي وغيره جون پريم – گاٿائون (عشقيہ

افسانا) ان جا مثال آهن. صوفي شاعرن ان وقت جي مشهور لوڪ ڪهاڻين وسيلي روحانيت يا وحدت الوجود جو فلسفو پکيڙيو. سنڌ ۾ ئي نہ پر سڄي اُتر ڀارت ۾ تصوف جا پيروڪار اڪثر مسلمان هئا. مسلم صوفي شاعرن اسلام سان وابستہ مذهبي داستانن کي بلڪل ڪين ڇُهيو آهي ۽ نہ وري فارسي شاعريءَ جي علامتن، تشبيهن وغيره جو استعمال ئي ڪيو آهي. سنڌ توڙي هند جي لڳ ڀڳ سڀني صوفي شاعرن هيئت (Form) خالص ڀارتي ڇند وديا واري اختيار ڪئي، پر شاھ لطيف انھيءَ هيئت ۾ ٽن، چئن، پنجن، ستن سٺن وارا بيت جوڙي ان ۾ واڌارو آندو. سنڌ ۾ وڏي انگ ۾ صوفياڻو ڪلام تخليق ڪيو ويو. ايران جيان سنڌي ادبي گلستان ۾ بہ گھڻيئي سرها ۽ سهڻا گل پيدا ٿيا، جن جي خوشبو ۽ حسن جي هٻڪار وڃڻ واري ناهي. قاضي قادن (١٤٦٣-١٥٥١)، شاھ عبدالڪريم (١٥٣٨-١٦٢٣)، شاھ عنايت صوفي شهيد جهوڪ وارو (١٦٥٦-١٧١٨)، شاھ عبداللطيف ڀٽائي (١٦٨٩-١٧٥٢)، سچل سرمست (١٧٣٩-١٨٢٩)، نانڪ يوسف (١٧٩٢-١٨٥٣)، دلپت (١٧٧٧-١٨٤١)، بيدل (١٨١٤-١٨٧٢)، بيڪس (١٨٥٦-١٨٨٠) وغيره جي شعر و شاعريءَ ۾ تصوف جي وحدت الوجود وارو فڪر پوريءَ طرح موجود آهي. انهن جي ڪلام جو تاڃي پيٽو گهڻو ڪري تصوف تي رهيو آهي، سندن شاعريءَ ۾ تصوف جا لاڙا چِٽا ۽ اُهڃاڻ ظاهر ٿي بيٺا آهن.

قاضي قادن، سنڌيءَ جو پهريون شاعر آهي، جنهن جو ڪلام ادبي معيار جو آهي. قاضي قادن هڪ صوفي شاعر هو، جنهن جي وات شاھ عبدالڪريم ۽ شاھ عبداللطيف پڻ ورتي:

کَنزُ، قُدورِي ڪافِيَہُ، جي پَڙهِي پَروڙين سَڀ،
ڪر مَندي ماڪوڙي کوہ ۾ پيئي ڪَڇِي اَڀ.

(بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، (١٩٩٩ع)، 'قاضي قادن جو رسالو'، رسمي علم ۽ حقيقي فهم، بيت ٥، ص: ٨٣)

کَنزُ قُدُوري ڪافِيا، ڪِ کوہ نہ پَڙهڻومِ،
سو پارُ ئي ٻِئو ڪو، جِيان پِرِي لَڌومِ.

(ٽڪر، هيرو، (١٩٩٦ع)، 'قاضي قادن جو ڪلام'، ضميمو، بيت ١، ص: ١٧٨)

سنڌي ادب ۾ قاضي قادن کان وٺي ٻين ڪيترن ئي اساسي شاعرن جي ڪلام جو تاڃي پيٽو گهڻو ڪري تصوف ئي رهيو آهي، جنهن موجب انسان، پنهنجو وجود





وڃائي ئي پرينءَ جو مشاهدو ماڻي سگهي ٿو. انسان کي تمام اِڇائن ۽ ترشنائن کان پري رهي، پنهنجي تمام گهرجن کي فنا ڪري، هڪ ئي رب پاڪ جي هستيءَ اڳيان سجده ريز ٿيڻو آهي. عشق جي اِها انتها، عاشق جو موت نہ، پر وصال جون نيون واٽون کولي ٿي ۽ هو فنا جي رستي بقا جي منزل ڏانهن وڌي ٿو، پر ان لاءِ پهريون شرط آهي اندر جي آئيني کي اوجر ڪرڻ، دل مان تمام وهم وسوسا ڪڍڻ ۽ هردي جي پردي کي ٻيائيءَ جي ڪٽ کان ڪوري صاف ڪرڻ، پوءِ تہ پرينءَ کي ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي ڳولهڻ جي ضرورت ناهي. ڇو تہ هو هر جاءِ تي، خود سالڪ جي اندر ۾ ئي موجود آهي. قاضي قادن چوي ٿو:

سَڄَڻَ مَنجهِ هُئامِ، مون وينٺي واءُ ٿِئا،
هيڏان هوڏان هَٽڙا، هِيئين جاڙَ وِڏام.

(ٽڪر، هيرو، (١٩٩٦ع)، 'قاضي قادن جو ڪلام'، ضميمو، بيت ٤، ص: ١٧٨)

قاضي قادن کان پوءِ ٻيو صوفي شاعر، جيڪو سنڌ ۾ پيدا ٿيو، سو آهي شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو (١٥٣٦-١٦٢٣)، جنهن جو ليکو سنڌ جي عظيم ڪلاسيڪل شاعرن ۾ ٿئي ٿو. شاھ ڪريم کي شاعريءَ سان بيحد رغبت هئي. سماع جي محفلن ۾ هن جي زبان مان بي اختيار شعر نڪرندا ويندا هئا. سندس ٻولي نج سنڌي آهي. شاھ ڪريم جو ڪلام وحدانيت سان ٿمٿار آهي. هُو صرف هڪ وجود جو قائل هو، ۽ سڄي ڪائنات کي ان جو مظهر سمجهندو هو:

تُون ڇَئو اَللّٰهُ هيڪَڙو، وائي ٻِي مَ سِکُ،
سَچو اَکَرُ مَنَ ۾، سو ئي لِکِئو لِکُ.

(دائود پوٽو، عمر بن محمد، (١٩٧٧ع)، 'شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام'، بيت ١، ص: ٤٣)

مُٺِ پِيڙِيائي پَلِي، جو اُپَٽِي تہ واءُ،
جو پَڌرِ وِڌي ڳالڙي، تو ڇَڏي وَڃي ساءُ.

(دائود پوٽو، عمر بن محمد، (١٩٧٧ع)، 'شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام'، بيت ١٠، ص: ٥٢)

'جو ڪيڙي سو کائي' جو نعرو هڻندڙ شاهه عنايت صوفي شهيد، سنڌ جو پهريون سامر — وادي شاعر آهي. پاڻ قرآن پاڪ، حديث، تفسير ۽ تصوف جو گهرو اڀياس ڪيو هئائين. هن برابريءَ جي بنيادن تي حڪمرانن ۽ زميندارن کان حصو وٺي ڏيڻ لاءِ تحريڪ هلائي.

شاهه عبداللطيف (١٦٨٩-١٧٥٢)، عالمي پايي جو شاعر آهي. صوفياڻو ڪلام شاهه جي رسالي ۾ جا بجا پکڙيل آهي. اهڙو ڪو سُر ڪونهي، جنهن ۾ اهو فڪر سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح آيل نه هجي. تصوف جا مول متا، شاهه جي ڪلام ۾ موجود آهن. شاهه جو شعر پڙهبو ته ان ۾ تصوف جو هر رنگ نظر ايندو. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ صوفين جو 'وحدت الوجود' جو تصور چٽيءَ ريت پسي سگهجي ٿو.

تصوف جي ترقيءَ جون چار منزلون آهن: شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت. شاهه عبداللطيف جو طريقو صوفي هو. پاڻ شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جو صاحب هئو. شاهه عبداللطيف انهن چئني ڏانهن پنهنجي رسالي ۾ اشارو ڪيو آهي. هُو اُهي چار ئي منزلون طئہ ڪري عرش عظيم تي وڃي پهتو آهي:

ساري سِڪَ سَبَقُ، شَرِيعَتَ سَندو سُهڻي،
طَرِيقَتان تِڪو وَهي، حَقِيقَتَ جو حَقُ،
مَعرِفَتَ مَرَڪ، اَصلِ عاشِقَنِ ڪي.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، 'شاهه جو رسالو'، سُر سهڻي، داستان ٣، بيت ١٠، ص: ٢٣١)

شاهه لطيف، شريعت جو پابند صوفي ۽ انسان ذات جو ڀلو چاهيندڙ هئو. خلق جي خدمت به ڪندو هو:

روزا ۽ نمازُون، اِيءُ پُڻ چَڱو ڪَمُ،
اُو ڪو ٻيو فَهَمُ، جِنهِ ۾ پَسڻُ پِرينءَ ڪي.

(بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، (٢٠٠٩ع)، 'شاهه جو رسالو'، سُر آسا، داستان ١، بيت ١٦، ص: ٣٣٢)

شريعت جو مدار ظاهر تي آهي ۽ طريقت جو باطن تي. جيڪو باطن آهي ته





ظاهر پيو آهي. جسم ظاهري آهي ۽ روح باطني. درحقيقت، طريقت ۽ شريعت هڪ ئي سرچشمي جا ٻه وهڪرا آهن ۽ منجهن ڪو به اختلاف ڪونهي.

حق حقيقي هيڪڙو آهي، ڪثرت ۾ وحدت آهي ۽ وحدت ۾ ڪثرت. هن صوفياڻي خيال کي شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ هن ريت پيش ڪيو آهي:

وَحدَتان ڪَثرتَ ٿِي، ڪَثرتَ وحدتَ ڪُلُّ،
حَقُ حَقِيقِي هيڪَڙو، ٻولِي ٻِيءَ مَ ڀُلُ،
هُو هُلاچو هُلُّ، بِاللهِ سَندو سَچِّئين.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، 'شاهه جو رسالو'، سُر ڪلياڻ، داستان ١، بيت ١٨، ص: ٦٩)

طريقت جي راهه ۾ طالب کي پنهنجي اندروني مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، پنهنجو نفس مارڻو پوي ٿو، چاڪاڻ جو صوفين لاءِ حديث آهي: 'من عرف نفسہ فقد عرف رب' يعني پنهنجو پاڻ سڃاڻ يا جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو، تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو. جيئن سهڻيءَ لاءِ درياهه ۾ ان جا دهشتناڪ ڪُن مشڪلاتون هيون، تيئن طالب لاءِ دنيوي تعلقاتن جون رنڊڪون آهن، اُنهن رنڊڪن تي حاوي پوڻ سان ئي حقيقت جي راهه کلي ٿي ۽ پوءِ:

پيهي جان پاڻَ ۾، ڪِيَمِ رُوحَ رِهاڻ،
تہ نَڪو ڏُونگَرُ ڏيهَ ۾، نَڪا ڪيچِيَن ڪاڻ،
پُنهُون ٿِيَسِ پاڻ، سَسُئِي تان سُورَ هُئا.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، 'شاهه جو رسالو'، سُر سسئي آبري، داستان ٥، بيت ٢، ص: ٣٠٣)

انهيءَ حقيقت ڏسڻ کان پوءِ، طالب معرفت جي مقام ۾ داخل ٿي، خدائي رازن کان آشنا ٿئي ٿو:

گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، پاٽان هو حِجابُ،
واڄٽُ وَڄي وُجُودَ ۾، رَهيو رُوحَ رَبابُ،
ساهَڙَ رِيءَ صَوابُ، آئون گهڻو ئِي گهورِيان.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، 'شاهه جو رسالو'، سُر سهڻي، داستان ١،

بيت ١٩، ص: ٢٢١)

شاهه عبداللطيف، تصوف يا روحانيت سان گڏ انسانيت، عالمي امن ۽ ڀائپيءَ تي به زور ڏنو آهي. مذهبي ڪٽرپڻي، تعصب ۽ ونجوڳ جي خلاف، هن جيڪا پريم ۽ محبت جي ڏارا وهائي آهي، تنهن جي پنهنجي تواريخي اهميت آهي:

نِهائِينءَ کان نِينهُن، سِکُ، مُنهنجا سُپِرين!
سَڙي سارو ڏينهن، ٻَهَرِ ٻاڦَ نَہ نِڪِري.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، 'شاهه جو رسالو'، سُر رپ، داستان ٢، بيت ١٧، ص: ٣٤٢)

نَمِي ڪَمِي نِهار تون، ڏَمَرُ وڏو ڏُکُ،
مَنجهان صَبُرَ سُکُ، جي سَنوارِيا! سَمُجهين.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، 'شاهه جو رسالو'، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٨، بيت ١٢، ص: ١٢٥)

ڪلهوڙن جي دؤر ۾، ٻيو وڏو شاعر جيڪو سنڌ ۾ پيدا ٿيو، سو هو سچل سرمست (١٧٣٩ع-١٨٢٩ع). سچل سرمست هن نندي ڪنڌ جو سڀ کان وڌيڪ بيباڪ ۽ اهم شاعر آهي. شاهه لطيف جيڪي اشارن ۾ چيو، اُهو هِن بنا ڪنهن لڪ لڪاءَ جي چئي ڏنو. سچل سرمست مستيءَ ۾ اچي 'ايجها ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٻڻيجي' يا 'نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار' چئي ڏنو. هن تصوف جي مٿانهين منزل تي پهچي، 'اناالحق' جو نعرو هنيو. سچل جي ڪلام جو تاڃي پيٽو به تصوف آهي، جنهن ۾ عقل ۽ عشق، فراق ۽ وصال، حقيقت، وحدت ۽ معرفت 'وحدت الوجود' جو فلسفو سمايل آهي:

مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
شيخيءَ، پيريءَ، بزرگيءَ بيحد ڀلايا،
ڪي نمازون نِوَڙي پڙهن، ڪَن مندر وَسايا،
اوڏو ڪين آيا، عَقُل وارا عشق جي.

(گوهر علي، (١٩٩٥ع)، 'سچل جو ڪلام'، سُر آسا، داستان ٢، بيت ١٥، ص:





٢٤٨)

ڪلمو پڙهان تہ ڪافر ٿيان، گِهران نہ انهيءَ گهير،
جاڏي راهه رسول جي، تاڏي نہ پايان پير،
جي من مان ڪيان نہ ميرُ، تہ حضوري حاصل نہ ٿيئي.

(گوهر علي، (١٩٩٥ع)، 'سچل جو ڪلام'، سُر آسا، داستان ١، بيت ٢٢، ص: ٢٤٤)

جيڪي آهي هِتِ، هُت ڀي اُهو ئِي اَٿئِي،
ڀَڄُ اُها ئي ڀِتِ، تان تون اهو ئي رَهين.

(انصاري، عثمان علي، (١٩٨٢ع)، 'سچل سرمست جو سنڌي ڪلام'، وحدت، داستان ١، بيت ٢٦، ص: ٤٦)

سچل جي ڪافين ۾ بہ غضب جي مستي، اُڇل ۽ اُڏام ۽ رواني آهي.

ايران وارو تصوف، ويدانتي ويچارن سان گڏجي سڏجي ويو آهي؛ جيئن ٻوند سمائجي سمنڊ ۾:

جي وَرَقَ وارين وِيهَه، تہ اَکَرُ اُهوئِي هيڪڙو.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، 'شاهه جو رسالو'، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٥، بيت ٣٣، ص: ١١٢)

جنهن کي صوفي 'نور' چون، سو ويدانت ۾ 'جوت' ٿيو پوي، جيڪو صوفين وٽ 'حق' آهي، ويدانت ان کي 'سچ' ٿو سڏي. تصوف جو 'اناالحق' ويدانت ۾ 'اهم برهم اسمي' بڻجيو پوي. صوفين جو عشق ويدانت ۾ پريم آهي، اهو ئي سبب آهي جو جدا جدا رهسيوادين جي اظهار ۾ لفظن جو ئي تفاوت آهي. بيدل فقير ان ڪري ئي چيو آهي:

اکران وچ جو ئي اڙيا،
عشق دي چاڙهي مُولِ نہ چڙهيا.

(موسوي، عبدالحسين شاهه، سيد، (١٩٩١ع)، 'ديوان بيدل'، ڪافي، روپ آسا، ص: ٢٣٠)

ٻي هنڌ چوي ٿو:

ڳولا ڪرين جنهن جي، سوئي تُون سلطان،
پيهِي پَسُ تون پاڻ ۾، پانهن جي سُونهن سڃاڻ،
ناحَقُ ٿيو نادان، لِيا وجهين لوڪ ۾.

(موسوي، عبدالحسين شاهه سيد، (۱۹۹۱ع)، ’ديوان بيدل‘، وحدت نامه، بيت ۱۲۲، ص: ۹۲)

بيدل جي ڪلام ۾ موسيقي ۽ ميناج جهجهو آهي. هن جون ڪافيون الڳ الڳ سُرن ۾ چيل آهن. هو پنهنجو ڪلام ڳائيندو به هو.

جتي گيتا چوي ٿي ته منهنجو اپياسي نشڪام يوگي سڀ ڪجھ ڪندي به، منهنجي مهر سان امرپد پائي ٿو، اُتي جرمنيءَ جو دانشور ائڪهرٽ به ساڳئي ڳالھ ڪندو نظر اچي ٿو، ’جيڪو انسان پنهنجي سموري عمل ۾ خدا کي ساڻ ڪري هلي ٿو، جيڪو ان کان سواءِ ٻي ڪنهن جي ڪاڻ نٿو ڪڍي، اهو ئي خدا سان هڪ روپ ٿي وڃي ٿو.‘

شاهه عبداللطيف به ڪثرت ۾ وحدت جو ديدار ڪري ٿو:

لَهرِن لَڪَ لِباس، پاڻِيءَ پَسَڻُ هيڪَڙو.

(شاهواڻي، غلام محمد، (۲۰۰۵ع)، ’شاهه جو رسالو‘، سُر سهڻي، داستان ۹، بيت ۳، ص: ۲٦۵)

سمنڊ ۾ لهرون لکين آهن، پر پاڻي هڪڙو آهي، روپ سهسين آهن، پر ’اروپ‘ هڪ آهي. هونئن به زندگي ئي اهم آهي، ادبي مت – متانتر پوءِ جي ڳالھ آهي. شاهه لطيف چوي ٿو:

ساهَڙُ سا سُوهَڻِي، سائِرُ پُڻِ سوئِي،
آهي نِجوئِي، ڳُجُھ ڳُجهاندَر ڳالهڙِي.

(شاهواڻي، غلام محمد، (۲۰۰۵ع)، ’شاهه جو رسالو‘، سُر سهڻي، داستان ۱، بيت ۳۴، ص: ۲۲۴)

ويدانتي شاعر سامي وري ساڳي ڳالھ هيئن ٿو اظهاري:





جئن گهاگهر ۾ لوڻ، پرڻ هلي پاڻي،
سنڌ ۾ سماڻي، موٽي موٽي ڪين ڪي.

ساميءَ جو مٿيون سلوڪ، اسان کي ڪبيرداس جو هيٺيون دوهو ٿو ياد ڏياري، جنهن ۾ ساڳيو خيال سمايل آهي:

جل ۾ ڪُنڀَ، ڪَنڀُ ۾ جل، ٻاهر ڀيتر پاڻي،
ڦوٽا ڪنڀ، جل جل هي سماڻا، اِتي ڪٿئي گياني.

ويدن جو منتر آهي، وشو آتما کان وڇڙيل هنس، ان سان ملڻ لاءِ اننت ڪال کان اُڏامي رهيو آهي. مطلب ته هڪ انش، سڄي کان جدا ٿيل آهي، هو ان سان ملڻ لاءِ بي قرار ۽ خواهشمند آهي. ويدانتي شاعر ان کي جيو ۽ برهم ٿا ڪوٺين. گرو نانڪ ۽ تلسيداس سوامي ۽ داس، ميران پتي پتني ۽ شاهه عبداللطيف ان کي عاشق ۽ معشوق، ڪُل ۽ جُز يا وحدت ۽ ڪثرت ٿو سڏي. ’هئا اڳيئي هڪ، پر ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا‘

پَڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائِيءَ جو جي لَهين،
هئا اَڳِهين گَڏُ، ٻُڌَڻَ ۾ ٻَہ ٿِيا.

(شاهواڻي، غلام محمد، (۲۰۰۵ع)، ’شاهه جو رسالو‘، سُر ڪلياڻ، داستان ۱، بيت ۲۲، ص: ۷۰)

صوفين جي مشهور حديث آهي: ’عرفان نفس‘ يعني پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ يا جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو، تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو. شاهه لطيف چوي ٿو:

نَہ ڪا اِبتَدا عَبد جِي، نہ ڪا اِنتهِا،
سي وَڃَڻَ کي وِيا، جَنِ نَہ سُڃاتو سُپرِين.

(شاهواڻي، غلام محمد، (۲۰۰۵ع)، ’شاهه جو رسالو‘، سُر آسا، داستان ۱، بيت ۸، ص: ۷۰٦)

جيو آتما ۽ پرماتما ساڳي ڳالھ آهي، صرف مايا يا طلسم کان ڪنارو ڪرڻو آهي. اهو شنڪر اچاريہ جو ادويت واد آهي.

اڄ جي فرقہ پرستي، مذهبي ڪٽرپڻي، تعصب، تنگ نظريي ۽ نفرت ڀري دنيا ۾، اهڙي ڪلام جي اهميت اڃا به وڌي وڃي ٿي. اهڙو پيغام اسان کي تنگدلي ۽ ونجوڳ ورتيءَ مان نجات ڏياري، هڪ ٻئي سان محبت ڪرڻ ۽ انسانيت جي واٽ تي

وٺي هلڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. پڇاڙيءَ جو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي لفظن ۾:

اَکَرُ پَڙهُه اَلِفَ جو، وَرَق سَڀِ وِسارِ،
اَندَرُ تُون اُجارِ، پَنا پَڙهندين ڪيترا.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، ’شاهه جو رسالو‘، سُر يمن ڪلياڻ، داستان ٥، بيت ٢٩، ص: ١١١) .

## حوالا


1. Hasting, James, Encyclopedia of religion and Ethics, vol. 7, (1914) p. 10, Charles Scribners sons New York.
2. Hasting, James, Encyclopedia of religion and Ethics, vol. 7, (1914) p. 10, Charles Scribners sons New York.

٣. آڏواڻي، ڪلياڻ، پروفيسر، (١٩٥١ع)، ’شاهه‘، چيتن ليڪراج، ماڙيوال، بمبئي.

4. Nicholson.A.Reynold, (1907), A literary History of the Arabs, p. 229, Charles Scribners sons New York.
5. Nicholson.A.Reynold, (1907), A literary History of the Arabs, p. 339, Charles Scribners sons New York.
6. Nicholson.A.Reynold, (1907), A literary History of the Arabs, p. 39, Charles Scribners sons New York.
7. D.D Leary O Lacy De, ‘Arabic thoughts and its place in history’, E.P. Dutton & Company, New York, (1943), p.193.
8. Bruijin.de.J.T.P, General Introduction to Persian Literature, (2008), p. 88, I.B. Taauris, London.

(**نوٽ:** سمورا بيت هيٺين ڪتابن مان ڪنيل آهن:

- شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، شاهه جو رسالو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.
- ٽڪر، هيرو،(١٩٩٦ع)، قاضي قادن جو ڪلام، سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد.
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، (١٩٩٩ع)، قاضي قادن جو رسالو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.
- دائود پوٽو، عمربن محمد، (١٩٧٧ع)، شاهه ڪريم بُلڙيءَ واري جو ڪلام، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه.







- ناگراڻي، بي.ايڇ، پروفيسر،(٢٠١٥)، سامي جا سلوڪ، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور.
- موسوي، عبدالحسين شاهه، سيد، (١٩٩١ع)، ديوانِ بيدل، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو.)